#نفسياتي سياست

نيو لبرل ازم ۽ طاقت جون نيون ٽيڪنالاجيون



مترجم

عدنان بروهي

نفسياتي سياست

نيو لبرل ازم ۽ طاقت جون نيون ٽيڪنالاجيون

بيونگ چُل هان (Byung-Chul Han)

مترجم عدنان بروهي



فهرست

مرڪزي موضوع	باب / موضوع جو عنوان	شمار
نئين دور ۾ آزاديءَ جو نئين قسم جي غلاميءَ ۽ خود-استحصال ۾ بدلجي وڃڻ	آزاديءَ جو استحصال	0
پورهيت طبقي جو خاتمو، مزدور جو ڪاروباري بنجڻ ۽ سرمايي جي نئين حڪمراني	سرمايي جي آمريت	1
ڊجيٽل نگراني، رازداريءَ جو خاتمو، ۽ شهرين جو رڳو تماشائي ۽ گراهڪ بڻجي وڃڻ	شفافيت جي آمريت	2
احساسن ۽ جذبن جو فرق، ۽ پيداوار وڌائڻ لاءِ جذبات جو معاشي استعمال	جذباتي سرمائيداري	3
ڪم ۽ رابطن کي راند بڻائي انسان کي مسلسل مصروف رکڻ، ۽ پئسي جو طلسم	گيميفڪيشن (پورهئي کي راند بڻائڻ)	4
(هيٺ ڏنل موضوعن جو مجموعو)	ڊجيٽل ڊيٽا ۽ ان جو ضابطو	5
ڊجيٽل دور ۾ انسان تي هر رخ کان مڪمل نظر رکڻ جو نئون طريقو	ڪولمبس ۽ سندس بيضو	5.0
انگن اکرن کي نئون مذهب بڻائڻ ۽ نظرين جي خاتمي جو دوکو	ڊيٽا پرستي (ڊيٽائزم)	5.1

مرڪزي موضوع	باب / موضوع جو عنوان	شمار
سينسرز ذريعي جسم ۽ عادتن جي ڳٽپ، ۽ انسان جو پنهنجو ئي چوڪيدار بڻجڻ	پنهنجو پاڻ کي ماپڻ	5.2
انٽرنيٽ جي اڻ کٽ يادگيري ۽ چونڊن ۾ ماڻهن جي نفسيات کي هلائڻ	زندگيءَ جو مڪمل رڪارڊ	5.3
الگورٿمز پاران انسان جي اڻ ڄاتل خواهشن ۽ عادتن تائين رسائي	ڊجيٽل لاشعور	5.4
ذاتي ڊيٽا جو وڪرو ۽ غير منافعي بخش انسانن کي "ڪچرو" سمجهڻ	وڏو ڪاروبار	5.5
انساني جيئري ياد بمقابله ڊجيٽل بي روح رڪارڊ	وسارڻ جو عمل	5.6
ڊيٽا جي بي انتها ڳٽپ مان اصل فڪر، معنيٰ ۽ عقل جي گمشدگي	روح ۽ فڪر	5.7
انگ اکرن جي هڪجهڙائي بمقابله تاريخ ساز غير متوقع واقعا	واقعو ۽ تاريخ	5.8
نفسياتي ڪنٽرول کي ٽوڙڻ ۽ زندگي جيئڻ جو نئون، آزاد طريقو	محڪوميءَ کان مٿانهون	6
مروج سوچ ۽ ڏهاڙ کان ڌار ٿي خاموشي ۽ حقيقي فڪر کي ڳولڻ	احمق پڻو (فلسفيانه اڻ ڄاڻائي)	7

مهاڳ

اڄوڪو دور انسان جي تاريخ ۾ هڪ نهايت انوکو، حيران ڪندڙ ۽ تضادن سان پريل دور آهي. هي اهو دور آهي جنهن ۾ انسان سمجهي ٿو ته هو تاريخ جي سڀ کان وڌيڪ آزاد فضا ۾ ساهه کڻي رهيو آهي. اسان وٽ انٽرنيٽ آهي، اسمارٽ فون آهي، ڳالهائڻ ۽ لکڻ جا بي انتها پليٽ فارم آهن، ۽ سڀ کان وڌيڪ اها آزادي آهي جنهن ۾ هر فرد پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجو رستو چونڊي سگهي ٿو. پر ڇا اسان واقعي آزاد آهيون؟

ڏکڻ ڪوريا ڄائي مشهور جرمن فلسفي بيونگ چُل هان (Byung-Chul Han) جو هي فڪري ڪم اسان کي ان ئي سنگين سوال اڳيان آڻي بيهاري ٿو، جتان اڄوڪي انسان جي اصل تصوير ظاهر ٿئي ٿي. هي ڪتاب اسان جي اکين تان اها پٽي لاهي ڦٽي ڪري ٿو جيڪا نئين سرمائيداري نظام (نيولبرلزم) ۽ ڊجيٽل دنيا اسان جي اکين تي ٻڌي ڇڏي آهي.

مصنف جو مرڪزي نقطو بلڪل چٽو آهي: ماضيءَ ۾ انسان جو استحصال ٻيا ڪندا هئا؛ بادشاهه، جاگيردار يا ڪارخاني جو مالڪ مزدور تي جبر ڪندو هو ۽ ان جو پورهيو کسيندو هو. ان جبر مان بغاوت ۽ انقلاب جنم وٺندا هئا. پر اڄ، نظام ايترو چالاڪ ۽ مڪار ٿي ويو آهي جو هاڻي ڪنهن ٻاهرين آقا جي ضرورت ئي ناهي

رهي. اڄ انسان "مان ڪري سگهان ٿو" (I Can) جي نشي ۾، پاڻمرادو پنهنجو ئي استحصال ڪري رهيو آهي. اڄ هر ماڻهو هڪ ئي وقت آقا به آهي ۽ غلام به. اسان پاڻ کي وڌيڪ ڪامياب، وڌيڪ چست ۽ وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي جنون ۾ ايترو ته دوڙائي رهيا آهيون جو ان جو نتيجو انقلاب بدران ڊپريشن، اداسائي ۽ شديد ذهني ٿڪاوٽ (Burnout) جي صورت ۾ نڪري ٿو.

ان کان پوءِ ڪتاب جو ٻيو اهم رخ ڊجيٽل نگراني ۽ "بگ ڊيٽا" (Big Data) آهي. اسان سمجهندا هئاسين ته انٽرنيٽ آزاديءَ جو نالو آهي، پر حقيقت ۾ سوشل ميڊيا هڪ اهڙي ڊجيٽل جيل بڻجي چڪي آهي جتي اسان پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان، پنهنجي خوشيءَ مان پنهنجو سڀ ڪجهه وائڪو ڪري رهيا آهيون. اسان جا پسند، ناپسند، دوست، رابطا، ايستائين جو اسان جون اڻ ڄاتل خواهشون به هاڻي ڊيٽا بڻجي وڪامجي رهيون آهن. اسان شهري هجڻ بدران رڳو هڪ "گراهڪ" بڻجي چڪا آهيون ۽ اسمارٽ فون اڇوڪي دور جي پوڄا جو اوزار بڻجي ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر روايتي، تاريخي يا شاعراڻي ادب جو ترجمو ته ٿيندو رهي ٿو، پر عالمي سطح تي ايرندڙ جديد فلسفي، خاص طور تي ڊجيٽل دور جي نفسيات ۽ سماجي تبديلين بابت مواد جي اڃا تمام گهٽي ڪوٽ آهي. منهنجي سدائين اها خواهش رهي آهي ته اسان جو سنڌي پڙهندڙ ۽ نوجوان طبقو به دنيا ۾ هلندڙ فڪري

بحثن سان ستو سنئون ڳنڍجي، ۽ پنهنجي هٿ ۾ موجود اسڪرين جي پويان لڪل حڪمران طاقتن کي سمجهي سگهي.

هن ترجمي دوران منهنجي پوري ڪوشش اها رهي آهي ته اصل مصنف جي ڳوڙهي فلسفي کي بغير ڪنهن گهٽتائيءَ جي برقرار رکندي، ان کي سادي، روان ۽ سليس سنڌيءَ ۾ آندو وڃي. هيگل، مارڪس، فوڪو ۽ ڊيلوز جهڙن مغربي مفڪرن جي پيچيده اصطلاحن کي هروپرو اجايو اوکو بنائڻ بدران، انهن جو اصل مفهوم عام سنڌي پڙهندڙ تائين پهچائڻ کي اوليت ڏني وئي آهي.

جيڪڏهن هي ترجمو پڙهندڙن جي دلين ۽ ذهنن ۾ پنهنجي نام نهاد آزاديءَ بابت ڪو هڪ به سنجيده سوال پيدا ڪري سگهيو، ته مان سمجهندس ته منهنجي هيءَ ننڍڙي ڪوشش ڪامياب وئي. اميد ته هي پورهيو سنڌي علمي ۽ فڪري دنيا ۾ هڪ هاڪاري واڌارو ثابت ٿيندو.

عدنان بروهي

ڪراچي، سنڌ

آزاديءَ جو استحصال

آزادي رڳو هڪ وقفو (يا وچ وارو مرحلو) ثابت ٿيندي. آزاديءَ جو احساس تڏهن ٿئي ٿو جڏهن اسان زندگيءَ جي هڪ طريقي مان ٻئي طريقي ڏانهن وڃون ٿا – ايستائين جو اهو نئون طريقو به جبر ۽ زبردستيءَ جو هڪ روپ بڻجي وڃي ٿو. پوءِ اها آزادي وري نئين غلاميءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. اهو ئي فرد (محڪوم) جو مقدر آهي، جنهن جو لفظي مطلب آهي: ”اهو جنهن کي هيٺ دٻايو ويو هجي“.

اڄ اسان پاڻ کي دٻيل يا غلام نه، بلڪ هڪ ”منصوبو“ (پراجيڪٽ) سمجهون ٿا، جيڪو هر وقت پاڻ کي نئين سر سنواري ۽ گهڙي رهيو آهي. محڪوم مان پراجيڪٽ بڻجڻ واري عمل مان آزاديءَ جو احساس ته ملي ٿو، پر ان هوندي به هي سڄو عمل مجبوري ۽ پابنديءَ جو ئي هڪ روپ آهي – بلڪ اها وڌيڪ چالاڪي واري غلامي آهي. پاڻ کي ٻاهرين رڪاوٽن کان آزاد سمجهندڙ هي فرد (انسان جي پنهنجي ’مان‘) هاڻي پاڻ کي اندروني پابندين ۽ دٻاءَ جي حوالي ڪري رهيو آهي، جيڪي لاڳيتو ڪاميابيون

حاصل ڪرڻ ۾ پاڻ کي ايا وڌيڪ بهتر بنائڻ جي هڪ جنون واري صورت وٺي چڪيون آهن.

اسان تاريخ جي هڪ اهڙي دور ۾ رهي رهيا آهيون جتي آزادي خود مجبوري ۽ دباءُ پيدا ڪري رهي آهي. "مان ڪري سگهان ٿو" واري آزادي، حڪم هلائيندڙ ۽ بندشون وجهندڙ "توکي ڪرڻ گهرجي" واري قانون کان ٻه وڌيڪ سخت دباءُ پيدا ڪري ٿي. "ڪرڻ گهرجي" جي هڪ حد هوندي آهي، پر "ڪري سگهان ٿو" جي ڪا ٻه حد ناهي هوندي. ان ڪري "ڪري سگهان ٿو" مان پيدا ٿيندڙ مجبوري ٻه لامحدود (بي انتها) آهي. اهڙيءَ طرح اسان هڪ عجيب تضاد واري حالت ۾ ڦاسي پيا آهيون. اصولي طور تي آزاديءَ جو مطلب جبر ۽ مجبوريءَ جي ابتڙ هجڻ آهي؛ آزاد هجڻ جو مطلب هر قسم جي دباءَ کان آزاد هجڻ آهي. پر هاڻي اها آزادي، جنهن کي پابندين جي ابتڙ هئڻ گهرجي ها، پاڻ دباءُ پيدا ڪري رهي آهي. ذهني بيماريون جهڙوڪ ڊپريشن (اداسائي) ۽ برن آئوٽ (شديد ذهني ۽ جسماني ٽڪاوٽ)، دراصل آزاديءَ جي هڪ وڏي بحران جو اظهار آهن. اهي بيماريون ان ڳالهه جون نشانيون آهن ته آزادي هاڻي مجبوريءَ جي ڪيترن ئي نون روپن ۾ تبديل ٿي رهي آهي.

جيتوٽيڪ ڪاميابين پنيان ڊوڙندڙ انسان پاڻ کي آزاد سمجهي ٿو، پر حقيقت ۾ هو هڪ غلام آهي. جيئن ته هو بنا ڪنهن آقا يا مالڪ جي، پنهنجي ئي مرضيءَ سان پنهنجو پاڻ جو استحصال ڪري ٿو، تنهن ڪري هو مڪمل غلام آهي. هتي ڪو به اهڙو مالڪ ناهي جيڪو ڪيس ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيو هجي، پر پوءِ به هو رڳو جيئڻ ۽ پورهئي کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ويٺو آهي. رڳو جيئڻ ۽ پورهيو، هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن؛ ۽ صحت، رڳو زنده رهڻ واري حياتيءَ جو اعليٰ ترين مقصد بڻجي وئي آهي. اڄ واري نئين دور (نيولبرلزم) جي هن غلام وٽ اها آزادي ۽ اختيار ناهي جيڪا هيگل جي فلسفي موجب هڪ آقا وٽ هوندي هئي، جيڪو ڪو به ڪم نه ڪندو هو ۽ رڳو زندگيءَ جو لطف ماڻيندو هو. هيگل موجب، آقا جو رتبو ان مان پيدا ٿئي ٿو ته هو رڳو جيئڻ واري فڪر کان مٿانهون ٿي موت جو خطرو به کڻي وڃي ٿو. اهڙي بي پرواهه زندگي ۽ بي انداز مزا ان غلام جي وس کان ٻاهر آهن، جيڪو رڳو پنهنجي حياتي بچائڻ جي ڳڻتيءَ ۾ هوندو آهي. پر هيگل جي سوچ جي ابتڙ، پورهيو ڪرڻ سان غلام آزاد نٿو ٿئي، بلڪه هو سدائين پورهئي جو ئي غلام رهي ٿو. هاڻي ته غلام پنهنجي آقا کي به ڪم

ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي؛ اڄ آقا ۽ غلام جي فلسفي جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته سڀني لاءِ پورهيو ئي سڀ ڪجهه بڻجي ويو آهي.

پنهنجو پاڻ جو ڪاروباري بڻجي، اڇوڪو انسان ٻين سان بنا ڪنهن مطلب يا فائدي وارا رشتا قائم ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي وينو آهي، ۽ نه ئي ڪيس اها خبر آهي ته بي غرض دوستي ڪهڙي هوندي آهي. تاريخي طور، آزاد هجڻ جو مطلب ئي دوستن جي وچ ۾ هجڻ هو. هند-يورپي ٻولين ۾ "آزادي" (Freedom) ۽ "دوستي" (Friendship) ساڳئي لفظ مان نڪتل آهن. بنيادي طور تي، آزادي هڪ رشتي يا تعلق جو نالو آهي. آزاديءَ جو سچو احساس رڳو هڪ بهترين تعلق مان ملي ٿو — جڏهن ٻين سان گڏ رهڻ مان خوشي حاصل ٿئي. پر اڇوڪو نيولبرل نظام انسان کي مڪمل اڪيلائيءَ طرف وڌي وڃي ٿو، جنهن ڪري هي نظام اسان کي اصل ۾ آزاد نٿو ڪري. تنهنڪري هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا اسان کي آزاديءَ جي نئين سر وضاحت ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اسان ان تباهه ڪندڙ چڪر مان نڪري سگهون جيڪو آزاديءَ کي جبر ۾ تبديل ڪري رهيو آهي؟

نيولبرلزم آزاديءَ جو استحصال ڪرڻ لاءِ هڪ انتهائي اثرائتو ۽ چالاڪ نظام آهي. هر اها شيءِ جيڪا آزاديءَ جو اظهار آهي – جهڙوڪ احساس، راند ۽ ڳالهه ٻولهه – ان سڀ جو استحصال ڪيو وڃي ٿو. ماڻهن جي مرضيءَ خلاف زبردستي انهن جو استحصال ڪرڻ مان گهٽ فائدو ملندو آهي؛ پر جڏهن ماڻهن جي پنهنجي آزاديءَ جو استحصال ڪيو وڃي ٿو، تڏهن نفعو سڀ کان وڌيڪ ملي ٿو.

اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته ڪارل مارڪس پڻ آزاديءَ کي ٻين سان هڪ ڪامياب تعلق طور بيان ڪري ٿو: "رڳو سماج (ٻين جي ساڻ) ۾ ئي هر فرد کي اهي وسيلا ملن ٿا جن سان هو پنهنجي صلاحيتن کي هر رخ ۾ نڪاري سگهي؛ تنهن ڪري رڳو سماج ۾ ئي ذاتي آزادي ممڪن آهي." هن نظر سان ڏسجي ته آزاد هجڻ جو مطلب ٻين سان گڏجي پنهنجي ترقي ۽ سجاڻپ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. آزادي، هڪ گڏجي ڪم ڪندڙ ڪامياب سماج جو ئي نالو آهي. مارڪس وٽ اڪيلي سر فرد واري آزادي رڳو هڪ دوکو آهي – يعني سرمايي (ڪيپيٽل) جي هڪ چالبازي آهي. "آزاد مقابلو"، جيڪو فرد جي آزاديءَ تي ٻڌل چيو وڃي ٿو، اهو حقيقت ۾ سرمايي جو پاڻ سان

ئي تعلق آهي، يعني سرمايي جو پنهنجي فائدي لاءِ هلڻ آهي. سرمائيداري آزاد مقابلي ذريعي ئي پاڻ کي اڳتي وڌائي ٿي؛ اها فرد جي انفرادي آزاديءَ کي ذريعو بڻائي پنهنجو پاڻ کي ضرب ڏئي وڌائي ٿي. جيترو وڌيڪ ماڻهو هن مقابلي ۾ ڊوڙن ٿا، اوترو ئي سرمايو وڌي ٿو. اهڙيءَ طرح انفرادي آزادي غلامي بڻجي وڃي ٿي، جو ته سرمايو ان تي قبضو ڪري پنهنجي واڌ ويجهه لاءِ استعمال ڪري ٿو. مطلب ته سرمايو وڌڻ ۽ ڦهلجڻ لاءِ فرد جي آزاديءَ جو استحصال ڪري ٿو: "آزاد مقابلي مان ماڻهو آزاد نٿا ٿين، بلڪ سرمايو آزاد ٿئي ٿو."

سرمايي جي آزادي، فرد جي آزاديءَ جي ذريعي ئي پنهنجو پاڻ کي حاصل ڪري ٿي. ان سڃي چڪر ۾ انسان رڳو سرمايو وڌائڻ جا اوزار (پيداواري ذريعا) بڻجي وڃن ٿا. انفرادي آزادي سرمايي کي هڪ خودڪار قوت بخشي ٿي، جيڪا کيس تيزيءَ سان نئون سرمايو پيدا ڪرڻ تي لڳائي ٿي. اڄڪلهه انفرادي آزادي انتهائي حدن تائين پهچي رهي آهي؛ پر اها اصل ۾ ڪجهه به ناهي سواءِ خود سرمايي جي پنهنجي حد کان وڌيڪ ڦهلاءُ ۽ واڌ ويجهه جي.

سرمايي جي آمريت

ڪارل مارڪس موجب، ترقيءَ جي هڪ خاص مرحلي تي پيداواري قوتون (انساني پورهيو، ڪم جا طريقا ۽ موجود وسيلا) حڪمران پيداواري لاڳاپن (ملڪيت ۽ قبضي واري نظام) سان ٽڪراءُ ۾ اچي وڃن ٿيون. هي تضاد ان ڪري پيدا ٿئي ٿو جو پيداواري قوتون ڪڏهن بہ ترقي ڪرڻ کان نٿيون رڪجن. اهڙيءَ طرح صنعتي ترقي اهڙيون نيون قوتون پيدا ڪري ٿي، جيڪي اڳوڻي جاگيرداراڻي نظام جهڙن پراڻن سرڪاري ۽ ملڪيتي ڍانچن سان ٽڪرائجن ٿيون. نتيجي ۾ سماجي بحران جنم وٺن ٿا، جيڪي پيداواري لاڳاپن کي بدلائڻ تي مجبور ڪن ٿا. مارڪس وٽ هي تضاد مزدور طبقي (پرو proletariat) جي سرمائيدار طبقي (bourgeoisie) خلاف ويڑهه ذريعي ئي ختم ٿيڻو هو، جنهن مان هڪ ڪميونسٽ سماج جنم وٺي ها.

پر جيئن مارڪس سوچيو هو، ان جي ابتڙ ڪميونسٽ انقلاب پيداواري قوتن ۽ پيداواري لاڳاپن جي هن ٽڪراءُ کي حل نٿو ڪري سگهي. سرمائيداريءَ وٽ مستقبل ڏانهن نڪري وڃڻ جو رستو هميشہ موجود هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي اندر ئي مستقل تضاد سمايل هوندو آهي.

تنهنڪري، صنعتي سرمائيداري ڪميونسٽ نظام ۾ تبديل ٿيڻ بدران نيولبرلزم ۽ مالي سرمائيداريءَ ۾ بدلجي چڪي آهي، جيڪا هاڻي غير مادي (ذهني ۽ فڪري) پيداواري طريقن کي لاڳو ڪري رهي آهي.

سرمائيداريءَ جي هڪ نئين شڪل طور، نيولبرلزم مزدورن کي خود پنهنجو ڪاروباري (Entrepreneur) بڻائي ڇڏيو آهي. اهو ڪو ڪميونسٽ انقلاب ناهي جيڪو مزدور طبقي تي باهرين مالڪن وارو ٽيندڙ استحصال ختم ڪري رهيو آهي – بلڪ نيولبرلزم پاڻ اهو ڪم ڪري رهيو آهي. اڄ هر ماڻهو پنهنجي ئي ذات واري ڪاروبار ۾ پنهنجو پاڻ جو پورهيت ۽ استحصال ڪندڙ بڻجي ويو آهي. انسان هاڻي هڪ ئي وقت آقا به آهي ۽ غلام به. ايستائين جو طبقاتي جدوجهد به بدلجي انسان جي پنهنجي ئي پاڻ سان اندروني جنگ بڻجي وئي آهي.

اهو گڏيل هجوم يا عوام (Multitude) جنهن کي انتونيو نيگري (Antonio Negri) مارڪسزم کان پوءِ پورهيت طبقي جو جانشين سڏي وڏو مرتبو ڏنو هو، اهو اڃوڪي پيداواري صورتحال جي صحيح ترجماني نٿو ڪري. بلڪ اڄ جا حالات هڪ اهڙي اڪيلي ڪاروباري شخص جي اڪيلائيءَ سان واڳيل آهن، جيڪو سيني کان ڪٽيل آهي،

پاڻ سان ئي وڙهي رهيو آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجو پاڻ جو استحصال ڪري ٿو. تنهنڪري اهو سمجهڻ هڪ وڏي غلطي آهي ته هي گڏيل عوام ظالم "سلطنت" کي ڪيرائي ڪو ڪميونسٽ نظام آڻيندو. مارڪسي سوچ جو اهو نقشو، جنهن جي نيگري پيروي ڪري ٿو، رڳو هڪ ٻيو وهم ئي ثابت ٿيندو.

حقيقت ۾، اڄوڪي نيولبرل نظام ۾ روايتي پورهيت طبقو بچيو ئي ناهي. اهڙو ڪو مزدور طبقو ناهي رهيو جنهن جو پيداواري وسيلن جا مالڪ استحصال ڪندا هجن. جڏهن پيداوار ئي غير مادي (ذهني ۽ معلوماتي) بڻجي وئي آهي، تڏهن هر ماڻهو پاڻ ئي پيداواري وسيلن جو مالڪ بڻجي ويو آهي. نيولبرل نظام هاڻي صحيح معنيٰ ۾ ڪو طبقاتي نظام نه رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ هڪ ٻئي جا ويري طبقا موجود ناهن، ۽ اهو ئي سبب آهي جو هي نظام ايترو مضبوط ۽ پائيدار رهي ٿو.

اڄ پورهيت ۽ سرمائيدار طبقي وچ وارو فرق به ختم ٿي ويو آهي. لفظي معنيٰ ۾ "پورهيت" مان مراد اهو ماڻهو هو جنهن وٽ پنهنجن ٻارن کانسواءِ ٻي ڪا ملڪيت نه هئي: يعني سندس پيداوار رڳو ٻار ڄڻڻ (نسل وڌائڻ) تائين محدود هئي. پر هاڻي اهو خيال عام ڪيو ويو آهي ته هر

انسان – هڪ آزادي ماڻيندڙ منصوبي طور – پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ کي اڻ کٽ ترقي ڏيارڻ جي سگهه رکي ٿو. ان جو سڏو مطلب اهو آهي ته "پورهيت طبقي جي آمريت" هاڻي بنيادي طور ناممڪن آهي. اڄ سيني مٿان "سرمايي جي آمريت" راڄ ڪري رهي آهي.

نيولبرل نظام ۾ين پاران ٿيندڙ استحصال کي پنهنجي ئي پاڻ واري استحصال ۾ تبديل ڪري ٿو، ۽ هي عمل سيني تي اثرانداز ٿئي ٿو. اهڙو خود-استحصال – جنهن جو مارڪس کي ڪو پتو نه هو – ڪنهن به اهڙي انقلاب کي ناممڪن بڻائي ڇڏي ٿو جيڪو ظالمن ۽ مظلومن جي فرق تي ٻڌل هجي. ان کان علاوه، انسان جي اڪيلائيءَ سبب، هاڻي اهڙي ڪا سياسي "اسان" (گڏيل سڃاڻپ) پيدا ٿيڻ به ممڪن ناهي رهي، جيڪا اڳي ڪڙي ٿئي ۽ گڏجي ڪو قدم کڻي.

هن نيولبرل نظام ۾ ناڪام ٿيندڙ ماڻهو سماج يا نظام تي سوال اٿارڻ بدران پاڻ کي ئي پنهنجي حالتن جو قصوروار سمجهن ٿا ۽ شرمساري محسوس ڪن ٿا. هن نظام جي سپ کان وڏي چالاڪي به ان ۾ ئي آهي ته: نظام خلاف ڪا مزاحمت ايري ئي نٿي سگهي. ان جي برعڪس، جڏهن ٻيا ماڻهو ظلم ڪندا هئا، تڏهن مظلوم پاڻ ۾ ٻڌي ڪري

ظالمن خلاف گڏجي بيهندا هئا. مارڪس جي پورهيت آمريت وارو نظريو به ان ئي سوچ تي ٻڌل هو. پر ان لاءِ شرط اها هئي ته ظلم ۽ قبضي جا ٻاهريان لاڳاپا موجود هجن. هاڻي، خود-استحصال جي هن دور ۾، ماڻهو پنهنجو سڄو ڪاوڙ نظام بدران پنهنجو پاڻ تي ئي ڪڍي رهيا آهن. پاڻ خلاف هن غصي جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته ماڻهو انقلاب آڻڻ بدران ڊپريشن (اداسائي ۽ ذهني ڏٻاءُ) جو شڪار ٿي رهيا آهن.

اسان جي دنيا ۾، اسان هاڻي پنهنجون ذاتي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪم نٿا ڪريون، بلڪ اسان سرمايي لاءِ ڪم ڪريون ٿا. سرمايو پنهنجون نيون ضرورتون پاڻ پيدا ڪري ٿو، ۽ اسان ناداني۽ ۾ انهن کي پنهنجيون ضرورتون سمجهي ويهون ٿا. ان ڪري سرمايو هڪ نئين اڻ ڏٺي حڪمران طاقت بڻجي ويو آهي، جيڪا انسان کي نئين نموني محڪوم بڻائي ٿي. اسان کي ان فطري زندگيءَ مان ٻاهر ڏڪيو پيو وڃي، جتي زندگي رڳو پنهنجي قدرتي وجود لاءِ هئي، نه کي ٻاهرين مفادن جي پورائيءَ لاءِ.

مذهبي بنيادن تي بينل ڪنهن اڻ ڏٺي نظام مان نجات حاصل ڪرڻ جديد سياست جو سڀ کان وڏو مقصد هو. رڳو جديد دور ۾ ئي — جڏهن مذهبي دليلن جي اهميت گهٽجي

وئي – اها ڳالهه ممڪن سمجهي وئي ته هڪ حقيقي سياست جنم ونڊي ۽ پورو سماج سياست جو حصو بڻجي. سمجهيو ويندو هو ته سماج هاڻي بنا ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ جي، پنهنجي اندر ئي بحث مباحثو ڪري قاعدا قانون طئي ڪندو ۽ پاڻ کي نئين سر جوڙيندو. پر اها آزادي تڏهن مڪمل ختم ٿي وجي ٿي جڏهن سرمايو پاڻ هڪ نئين مٿانهين طاقت (نئون خدا) ۽ نئون مالڪ بڻجي بيهي ٿو. جڏهن ائين ٿئي ٿو، ته سياست وري نئين سر غلام بڻجي وجي ٿي ۽ سرمايي جي ٻانهي (نوڪرياڻي) بڻجي پوي ٿي.

ڇا اسان واقعي آزاد ٿيڻ چاهيون ٿا؟ ڇا اسان خدا جو تصور ان ڪري نه ڳهڙيو هو ته جيئن اسان کي آزاديءَ جو بار نه ڪڍو پوي؟ خدا اڳيان اسان سڀ قرضدار ۽ گنهگار آهيون؛ پر قرض ۽ گناهه جو احساس آزاديءَ کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي. اڄ سياستدان ڳري قرضن جو بهانو بڻائي چون ٿا ته انهن جي ڪم ڪرڻ جي آزادي سخت متاثر ٿي آهي. قرضن کان آزاد ٿي – يعني پوري طرح آزاد ٿي – اسان کي حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻا پون ها. شايد اسان پاڻ کي لڳاتار قرضن ۾ ان ڪري ئي وڪوڙي رکون ٿا ته جيئن اسان کي نه آزاد ٿيڻو پوي ۽ نه ئي کا ذميواري ڪڍڻي پوي. ڇا اسان جا قرض اها ڳالهه ثابت نٿا ڪن ته اسان

وٽ آزاد ٿيڻ جي سگھ ئي ناهي؟ ڇا ائين ته ناهي ته سرمايو هڪ نئون خدا بڻجي چڪو آهي، جيڪو اسان کي وري قرضدار ۽ گنھگار بڻائي رهيو آهي؟

والٽر بينجمن (Walter Benjamin) چيو هو ته سرمائيداري اصل ۾ هڪ مذهب آهي. جيئن هن چيو هو ته، سرمائيداري هڪ اهڙي عقيدي جو پهريون نمونو آهي جيڪو گناھ بخشڻ بدران رڳو احساسِ جرم ۽ قرض پيدا ڪري ٿو. جيئن ته هن نظام ۾ قرض ۽ گناھ مان ڇوٽڪاري جو ڪو دڳ ناهي هوندو، تنهن ڪري هيءَ غلامي پاڻمرادو هميشہ قائم رهي ٿي: "احساسِ جرم جو هڪ بي پناھ بار، جنهن مان ڪا بہ خلاصي ممڪن ناهي، هن عقيدي کي وڪوڙي وجي ٿو؛ نہ ان لاءِ ته گناھ ڏوپجي وجي، پر ان لاءِ ته اهو پوري دنيا تي حاوي ٿي وجي."

شفافيت جي آمريت

شروعات ۾، انٽرنيٽ کي بي پناهه آزاديءَ جو ذريعو سمجهي پليڪار ڪيو ويو هو. مائڪروسافٽ جو شروعاتي اشتهاري نعرو هو: "اڄ توهان ڪيڏانهن وڃڻ چاهيو ٿا؟" (Where do you want to go today?) — جنهن مان اهو تاثر ملندو هو ته انٽرنيٽ تي لامحدود آزادي ۽ چرپر موجود آهي. پر اڄڪلهه اها سڀ خوشي رڳو هڪ دوکو ثابت ٿي. اڄ اها بي انتها آزادي ۽ رابطا بدلجي مڪمل ضابطي ۽ نگراني‌ءَ (جاسوسيءَ) جو روپ ونڻي رهيا آهن. سوشل ميڊيا ڏينهون ڏينهن هڪ اهڙي ڊجيٽل جيل (Panopticon) جهڙي ٿيندي پئي وڃي، جيڪا پوري سماج تي نظر رکي ٿي ۽ بنا ڪنهن رحم جي ان جو استحصال ڪري ٿي. اسان اڄا پراڻي، سخت ضابطن واري نگراني‌ءَ واري نظام مان مس جند آزاد ڪرائي هئي ته پاڻ کي هڪ نئين ۽ اڄا بہ وڌيڪ اثرائتي ڊجيٽل جيل جي حوالي ڪري ڇڏيو.

جيرمي بينٿم (Jeremy Bentham) جو ناهيل نگراني‌ءَ وارو جيل قيدين کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ هڪ ٻئي کان ڏار رکندو هو ۽ کين پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ نہ ڏيندو هو. ان جي ابتڙ، اڄوڪي هن ڊجيٽل نظام جا قيدي نہ رڳو هڪ ٻئي سان

وڏي چڑهي رابطا رکن ٿا، بلڪ پنهنجي ئي مرضيءَ سان پنهنجو پاڻ کي سيني آڏو وائکو ۽ ظاهر کن ٿا. مطلب تہ هو هن ڊجيٽل نگرانيءَ کي هلائڻ ۾ پاڻ مددگار بڻيل آهن. ڊجيٽل ضابطي وارو سماج، ماڻهن جي آزاديءَ مان ئي پرپور فائدو وني ٿو. اهو رڳو ان ڪري ممڪن ٿيو آهي جاکاڻ تہ ماڻهو پاڻ پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجي ذات ۽ زندگيءَ کي سيني اڳيان کولي پيش کن ٿا. ائين سمجهو تہ اڄوڪي ڊجيٽل طاقت (بگ برادر) پنهنجو ڪم قيدين جي حوالي ئي ڪري ڇڏيو آهي. تنهنڪري ماڻهن کان معلومات ڪنهن زبردستيءَ هيٺ نٿي ورتي وجي، بلڪ هو پنهنجي اندروني خواهش ۽ ضرورت تحت اها خوشيءَ سان پيش کن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو هي ڊجيٽل نظام ايترو اثرائتو ثابت ٿيو آهي.

معلومات جي آزاديءَ جي نالي تي بہ "شفافيت" (Transparency) جو مطالبو ڪيو وجي ٿو. پر حقيقت ۾ هي نيولبرل نظام جو ئي هڪ چالاڪ هٿيار آهي. ان جو مطلب آهي تہ هر شيءِ کي زور سان کولي ٻاهر آندو وجي ۽ ان کي رڳو ڏيٽا يا معلومات ۾ تبديل ڪيو وجي. اڄوڪي غير مادي پيداوار واري دور ۾، وڌيڪ معلومات ۽ وڌيڪ رابطن جو سڏو مطلب آهي: وڌيڪ پيداوار، تيز رفتاري ۽

وڌيڪ ڪاروبار. معلومات کي سڀني شيءِ سمجهيو وڃي ٿو: ۽ جيئن ته معلومات کي ڪا اندروني گهرائي ناهي هوندي، ان ڪري اها بنا ڪنهن پس منظر جي هر طرف گهمي ڦري سگهي ٿي. ان ڪري، معلومات جي ڦهلاءُ کي جڏهن ۽ جيتري چاهجي تيز رفتاري ڏئي سگهجي ٿي.

راز، اڻ ڄاڻائي ۽ ڪنهن جو مختلف هجڻ، بنا روڪ ٽوڪ رابطن جي رستي ۾ رڪاوٽون سمجهيا وڃن ٿا. تنهن ڪري شفافيت جي نالي تي انهن کي مٽايو پيو وڃي. رابطا تڏهن وڌيڪ تيز ٿين ٿا جڏهن انهن جي رستي ۾ ڪا رڪاوٽ نه هجي — يعني جڏهن سڀ حدون، پتيون ۽ فاصلا ختم ڪيا وڃن. ان جو مطلب انسان مان اها اندروني گهرائي کسي ونڊ بہ آهي جيڪا رابطي کي سست ڪري ٿي. پر ماڻهن مان اها گهرائي کڻڻ لاءِ ڪو ظلم نٿو ڪيو وڃي، بلڪ اهو سڀ خود انسان پاران پاڻ کي وائکو ڪرڻ جي خواهش ذريعي ٿئي ٿو. ڪنهن ڏار يا انوکي هجڻ واري ڳالهه کي هاڻي رڳو ڏيکاءُ واري شڪل ڏئي "تنوع" (Diversity) جو نالو ڏنو وڃي ٿو. شفافيت واري نظام جو اصل مقصد سڀ کجهه کولي ظاهر ڪرڻ آهي ته جيئن معلومات ۽ رابطن جي رفتار تيز ٿي سگهي. نتيجي طور ڪليل هجڻ سان

رابطا تيز ٿين ٿا، جڏهن ته پردو، سنجيدگي ۽ ذات تائين محدود رهڻ انهن جي راهه ۾ رڪاوٽ سمجهيا وڃن ٿا.

شفافيت واري هن نظام جو هڪ ٻيو نتيجو سيني کي هڪجهڙو سوچڻ ۽ هلڻ (Conformity) تي مجبور ڪرڻ آهي. شفافيت واري اها معيشت هر مختلف يا نرالي سوچ کي دٻائڻ چاهي ٿي. مڪمل نيٽ ورڪنگ ۽ لاڳاتار ڳالهه ٻولهه سيني کي هڪ ئي سطح تي آڻي بيهاري ٿي، جنهن سان هر ماڻهو ائين ٿو لڳي جڙ ٻئي مٽان پهرو ڏئي رهيو هجي — ان کان اڳ جو ڪي ڳجها ادارا يا ايجنسيون مداخلت ڪن. اڙ ڏڻا ماڻهو يا الگورٿم ان رابطي کي ان ڊنگ ۾ سنواري ڇڏين ٿا جيڪو عام طور تي قبول ڪيو وڃي. ماڻهن جي پاڻ ۾ هيءَ اندروني نگراني، ڳجهن ادارن پاران ٽيندڙ باهرين جاسوسيءَ کان ٻه وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿئي ٿي.

نيولبرلزم شهرين کي رڳو گراهڪ (Consumer) بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ شهريءَ واري فعال آزاديءَ جي جاءِ هاڻي گراهڪ واري سستيءَ والاري ڇڏي آهي. گراهڪ هجڻ جي ناتي، اڃوڪي ووٽر کي سياست يا سماج کي سنوارڻ ۾ ڪا سچي دلچسپي ناهي رهي. نه انهن وٽ گڏيل سياسي عمل ۾ حصو ونڊ جو جذبو آهي ۽ نه ئي اها صلاحيت. هو سياست تي رڳو ماڻ ڪري گلا يا شڪايتون ئي ڪن ٿا،

جھڙيءَ طرح ڪو گراهڪ ڪنهن خراب پراڊڪٽ يا سروس تي پنهنجو غصو ڪيندو آهي. سياستدان ۽ پارٽيون ب هن ئي گراهڪي واري سوچ پنيان هلن ٿيون. انهن کي بس سهولتون "پهچائڻيون" (Deliver ڪرڻيون) آهن. هن چڪر ۾ سياستدان رڳو مال وڪڻندڙ دڪاندار بڻجي ويا آهن، جن جو ڪم رڳو ووٽرن کي (جيڪي اصل ۾ گراهڪ آهن) راضي رکڻ آهي.

اڄ سياستدانن مان شفافيت جو جيڪو مطالبو ڪيو وجي ٿو، اهو اصل ۾ ڪو سياسي مطالبو ناهي. سياسي فيصلا ڪرڻ وارن معاملن ۾ شفافيت نٽي گهري وجي؛ چاڪاڻ ت ڪنهن ب گراهڪ کي ان ۾ دلچسپي ناهي. ان بدران، شفافيت جو اصل مقصد رڳو سياستدانن کي وائکو ڪرڻ، سندن پٽڪو لاهڻ ۽ انهن مان اسڪينڈل پيدا ڪرڻ بڻجي ويو آهي. شفافيت جو مطالبو ڪندڙ ماڻهو هڪ حيران ٿيل تماشائيءَ وانگر وينا هوندا آهن. اهو آواز ڪو باشعور شهري نٿو اڀاري، بلڪ هڪ پاسيرو تماشائي اڀاري ٿو. سياست ۾ حصو ونڻ هاڻي رڳو شڪايتن تائين محدود ٿي ويو آهي. ان سان گڏ ئي، تماشائين ۽ گراهڪن تي ٻڌل هن سماج، هڪ "تماشائي جمهوريت" (Spectator Democracy) کي جنم ڏنو آهي.

آزاديءَ جو هڪ اهم حصو پنهنجي ذاتي معلومات تي اختيار هجڻ آهي. 1984ع ۾ جرمن آئيني عدالت هڪ فيصلي ۾ چيو هو: "جيڪڏهن شهرين کي اها خبر نه پئجي سگهي ته ڪير، ڪڏهن ۽ ڪهڙي موقعي تي انهن بابت ڇا ڄاڻي ٿو، ته پوءِ پنهنجي ڊيٽا تي اختيار وارو حق قانوني ۽ سماجي نظام سان گڏجي نٽو هلي سگهي." پر اهو فيصلو ان دور ۾ آيو هو جڏهن ماڻهو رياست کي هڪ حاڪم سمجهندا هئا، جيڪا انهن جي مرضيءَ خلاف معلومات کسي ونندي هئي. اهو دور هاڻي گذري چڪو آهي. اڄ اسان بنا ڪنهن ٻاهرين دٻاءُ يا حڪم جي، پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪريون ٿا. اسان بنا ڪنهن مجبوريءَ جي، پنهنجي باري ۾ هر قسم جي معلومات انٽرنيٽ تي وجهون ٿا، جڏهن ته اسان کي ان ڳالهه جي رتيءَ برابر به خبر ناهي هوندي ته ڪير، ڪڏهن ۽ ڪٿي اها معلومات ڏسي رهيو آهي. معلومات تي قابو نه هجڻ وارو هي عمل آزاديءَ جي هڪ وڏي بحران کي ظاهر ڪري ٿو. ماڻهو جنهن نموني هر ڳالهه پاڻ ئي ٻڌائي رهيا آهن، ان کان پوءِ ته رازداريءَ جي تحفظ (Privacy) وارو تصور ئي ختم ٿي رهيو آهي.

اڄ اسان ڊجيٽل نفسياتي سياست (Digital Psychopolitics) جي دور ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. هن جو مطلب رڳو پريان بيهي نظر رکڻ بدران، ماڻهن جي ذهنن کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائڻ آهي. هي آزاديءَ لاءِ اجا به وڏو خطرو آهي: چاکاڻ ته هاڻي انسان جو آزاد ارادو ئي داءُ تي لڳي چڪو آهي. بگ ڊيٽا (Big Data) نفسيات تي قبضو ڪرڻ جو هڪ انتهائي تيز اوزار آهي، جنهن ذريعي سماجي رابطن جي پوري نظام جي جاڙ ملي وجي ٿي. هيءَ اهڙي جاڙ آهي جنهن جو مقصد رڳو حاڪميت ۽ قبضو آهي؛ اها انسان جي نفسيات ۾ مداخلت ڪري ٿي ۽ انسان جي سوچڻ کان به اڳ ان تي اثرانداز ٿئي ٿي.

انسان جي آزاد فيصلن لاءِ ضروري آهي ته مستقبل اڻ جاتل (کليل) هجي. پر بگ ڊيٽا ذريعي انساني روين جي اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن ٿي ويو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته مستقبل هاڻي حساب ڪتاب ۽ ضابطي هيٺ اچي رهيو آهي. هيءَ نفسياتي سياست انسان جي آزاد فيصلن کي رڳو انگن اکرن ۽ نوس حقيقتن ۾ بدلائي ٿي. حقيقت ۾ انسانن کي شيون بنايو پيو وجي، جن کي ڳڻي سگهجي ٿو، ماپي سگهجي ٿو ۽ پنهنجي مرضيءَ سان هلائي سگهجي ٿو. ۽ اها پڌري ڳالهه آهي ته ڪا به شيءِ آزاد نٿي ٿي سگهي. پر

ان سان گڏ، شيون انسانن کان وڌيڪ شفاف هونديون آهن. بگ ڊيٽا آزاد ارادو رکندڙ انسان جي خاتمي جو پڙهو گهمائي ڇڏيو آهي.

قبضو ۽ حڪمراني کندڙ هر ٽيڪنالوجي پنهنجي پوڄا ۽ عقيدت لاءِ کي مخصوص شيون سامهون آڻيندي آهي، جيڪي ماڻهن کي پنهنجو محڪوم بڻائڻ لاءِ ڪم ايندیون آهن. عقيدت جو مطلب هوندو آهي: "ڪنڌ جهڪائڻ" يا "فرمانبرداري ڪرڻ". اسمارٽ فون اڄوڪي ڊجيٽل دور جي عقيدت ۽ پوڄا جو پڪو نشان آهي. انسان کي پنهنجو محڪوم بنائڻ لاءِ اسمارٽ فون بلڪل تسبيح وانگر ڪم ڪري ٿو – جيڪا پڻ هر وقت هٿ ۾ رهڻ واري شيءِ آهي. اسمارٽ فون ۽ تسبيح ٻئي پنهنجو پاڻ تي نظر رکڻ ۽ قابو پائڻ لاءِ ڪتب اچن ٿا. حڪمران طاقت تڏهن وڌيڪ ڪامياب ٿئي ٿي جڏهن اها نگراني ۽ جو ڪم ماڻهن جي پنهنجي هٿن ۾ ڏئي ڇڏي. انٽرنيٽ تي "لائيڪ" (Like) ڪرڻ اصل ۾ ڊجيٽل دور جي "آمين" آهي. جڏهن اسان لائڪ تي ڪلڪ ڪريون ٿا، تہ اصل ۾ اسان ان حڪمران نظام اڳيان ڪنڌ جهڪايون ٿا. اسمارٽ فون رڳو نگراني ۽ جو اوزار ناهي، بلڪ اهو هٿ ۾ ڪٽي گهمڻ وارو هڪ اعترافِ جرم جو ڪمرو (Confessional) بہ آهي جتي انسان پنهنجو سڀ ڪجهہ

بڌائي ڇڏي ٿو: ۽ فيسبوڪ اڇوڪي ڊجيٽل دور جي هڪ عالمي عبادتگاھ آهي.

جذباتي سرمائيداري

اڇڪلهه احساسن ۽ جذبن بابت ڳالهه ٻولهه تمام گهڻي وڌي وئي آهي. ڪيترائي علمي ۽ تعليمي شعبا جذبن تي تحقيق ڪري رهيا آهن. اوڇتو ئي انسان هاڻي رڳو عقل رکندڙ جاندار ناهي رهيو، بلڪ هو احساسن ۽ جذبن جو پُتلو بڻجي ويو آهي. پر ان هوندي به شايد ئي ڪو ماڻهو اهو پڇڻ جي زحمت ڪري ته آخر جذبن ۾ اها اوڇتي دلچسپي آئي ڪٿان؟ جذبن تي تحقيق ڪندڙ سائنستدان پنهنجي ئي ڪم تي گهڻو ڌيان نٿا ڏين؛ تنهنڪري هو اها ڳالهه سمجهڻ ۾ ناڪام ويا آهن ته جذبن جو هي طوفان سڀ کان پهرين هڪ معاشي عمل مان پيدا ٿيو آهي. ان کان به وڌيڪ خراب ڳالهه اها آهي ته هتي ڳالهين ۾ سخت مونجهارو پکڙيل آهي؛ ڪيترن ئي محققن لاءِ 'جذبو' (Emotion)، 'احساس' (Feeling) ۽ 'عارضي تاثر' (Affect) ڇڻ هڪ ئي شيءِ آهن.

پر حقيقت ۾ احساس ۽ جذبو ساڳيا ناهن. مثال طور، اسان ٻوليءَ جي فهم، راندين جي مهارت يا ٻين سان همدرديءَ واري احساس جي ڳالهه ڪريون ٿا. ڪو ماڻهو ٻوليءَ جو سنو احساس يا فهم رکي سگهي ٿو يا ٻين لاءِ پنهنجي دل ۾ درد محسوس ڪري سگهي ٿو، پر ٻوليءَ لاءِ ڪو جذبو يا

عارضي تاثر نٿو رکي سگھجي. اھڙيءَ طرح ماتم ۽ ڏک ۾ ھڪ احساس آھي؛ پر ائين چوڻ ٻنھ عجيب لڳندو ت ماتم ھڪ "عارضي تاثر" يا "جذبو" آھي. جذبا ۽ تاثرات خالصتاً ذاتي ۽ اندروني معاملن سان تعلق رکن ٿا، جڏھن ت احساس ھڪ پکي ۽ حقيقي حقيقت سان ڳنڍيل ھوندو آھي.

احساس کي بيان ڪري سگھجي ٿو ۽ ڪھاڻيءَ وانگر ٻڌائي سگھجي ٿو؛ ان جي ھڪ ڏگھي ڪٿا ۽ پکيڙ ھوندي آھي. پر نہ ئي ڪنھن عارضي تاثر ۽ نہ وري جذبي کي ڪھاڻيءَ وانگر بيان ڪري سگھجي ٿو. اڄوڪي ٽيڪنالاجي دور (دڙامي) ۾ احساسن جو بحران اصل ۾ ڪھاڻي بيان ڪرڻ جي ڪوٽ جو بحران آھي. اڄ احساسن واري ڪھاڻيءَ جي جاءِ گوڙ ۽ شور واري سنسني خيزي والاري رھي آھي. جيئن ت ڪھاڻي ختم ٿي چڪي آھي، ان ڪري استيج تي رڳو ھنگامي جذبات جو ڊير لڳايو وڃي ٿو. پر احساس جي ابتڙ، عارضي تاثر ماڻھوءَ لاءِ ڪا گھرائي پيدا نٿو ڪري، بلڪ اھو رڳو ٻاھر نڪرڻ ۽ پاڻ کي کالي ڪرڻ چاھي ٿو. ڊجيٽل ميڊيا ۾ ھڪ اھڙو ئي ھنگامي ذريعو آھي. ڊجيٽل رابطا انھن عارضي جذبن کي فوري طور ٻاھر ڪڍڻ ۾ مدد ڪن ٿا. پنھنجي تيز رفتاريءَ سبب، ڊجيٽل رابطا گھرن احساسن بدران رڳو ھنگامي جذبات پکيڙين ٿا. انٽرنيٽ تي

مچندڙ گوڙ ۽ هنگاما (آن لائن تڪرار ۽ ڪاوڙ جو ايار) اصل ۾ ان ئي هنگامي جذبات جا وهڪرا آهن.

احساس ڪنهن حقيقت کي بيان ڪن ٿا، جهڙوڪ اسان چئون ٿا: ”مون کي اهڙو احساس ٿئي ٿو ته...“. پر ان جي ابتڙ اسان ڪڏهن ائين نٿا چئي سگهون ته: ”مون کي اهو جذبو ٿئي ٿو ته...“. جذبا ڪنهن ڳالهه جي رڳو وضاحت نٿا ڪن، پر اهي عمل ۽ چرپر سان ڳنڍيل هوندا آهن. ان کان علاوه، جذبا ڪنهن خاص مقصد تحت ايرن ٿا، جڏهن ته احساسن لاءِ ڪنهن خاص مقصد يا شئي جو هجڻ لازمي ناهي. اڪثر ڪري بيچيني ۽ ڳڻتيءَ (Anxiety) جو ڪو پڌرو سبب ناهي هوندو، ۽ اها ئي ڳالهه بيچينيءَ کي خوف کان ڌار ڪري ٿي، جو ته خوف هميشه ڪنهن خاص شئي مان ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪائنات ۽ پوري دنيا سان هڪ ٿي وڃڻ جو وسيع احساس، ڪنهن خاص شئي تائين محدود ناهي هوندو. جذبا ڪڏهن به احساس جيتري وسعت حاصل نٿا ڪري سگهن؛ اهي رڳو ذاتي ڪيفيت جو اظهار هوندا آهن.

احساسن جو وقت ۽ عرصو به جذبن کان ڌار هوندو آهي. احساس گهڻي وقت تائين قائم رهندا آهن، جڏهن ته جذبا تمام گهٽا عارضي ۽ ٿوري دير وارا هوندا آهن. عارضي

تاثر بہ رڳو هڪ لمحي جو محتاج هوندو آهي. احساسن جي برعڪس، جذبا ڪنهن مستقل حالت جو نالو ناهن، جذبو هڪ جاءِ تي نٿو ترسي. سڪون يا آرام جو ڪو بہ "جذبو" ناهي هوندو، پر سڪون جو "احساس" آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ٿو. ان جي ابتڙ "جذباتي حالت" وارو لفظ ئي تضاد سان پريل آهي. جذبا هر وقت حرڪت ۾، حالتن مطابق ۽ ڪو عمل ڪرائڻ وارا هوندا آهن. جذباتي سرمائيداري ماڻهن جي انهن ئي خاصيتن مان فائدو وٺي ٿي. ان جي ابتڙ، احساسن مان ايترو جلدي فائدو نٿو وٺي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ اهي ڪنهن تيز عمل يا حرڪت تي مجبور نٿا ڪن.

ماحول (Atmosphere) يا موڊ (Mood) احساس ۽ جذبي ٻنهي کان ڌار آهي. ان وٽ وڌيڪ حقيقي حيثيت هوندي آهي؛ ڪنهن جاءِ جو پنهنجو هڪ خاص ماحول ٿي سگهي ٿو. هڪ ماحول اهو ظاهر ڪري ٿو تہ "حالت ڪهڙي آهي"، جڏهن تہ جذبا تڏهن پيدا ٿين ٿا جڏهن ان حالت ۾ ڪا تبديلي اچي. مثال طور، ڪا جڳهہ دوستانہ ماحول پيدا ڪري سگهي ٿي، پر "دوستانہ جذبو" نالي ڪا شيءِ ناهي هوندي. ماحول پنهنجي جاءِ تي قائم هوندو آهي، جڏهن تہ جذبو چرپر ۽ عمل سان پريل هوندو آهي. "ڪٿي" وارو لفظ

ماحول کي ظاهر ڪري ٿو، جڏهن ته "ڪيڏانهن" (رخ) جذبي کي ظاهر ڪري ٿو. ان جي مقابلي ۾، احساس جو واسطو "ڇو" يعني ان جي پويان لڪل سبب سان هوندو آهي.

ايوا ايلوز (Eva Illouz) جو ڪتاب "ڪولڊ انٽيميسي: دي ميڪنگ آف ايموشنل ڪيپيٽلزم" ان سوال جو ڪو به جواب نٿو ڏئي ته خاص طور تي سرمائيداريءَ هيٺ احساسن ۽ جذبن کي ايترو عروج ڇو ملي رهيو آهي. ان کان علاوه هي ڪتاب بنا ڪنهن فرق جي احساسن ۽ جذبن کي هڪ سمجهي ٿو. نہ ئي اها ڳالهه ڪارائتي آهي ته سرمائيداريءَ ۾ جذبن واري معاملي کي ان جي شروعاتي دور مان ڳوليو وڃي؛ جتي ليڪڪا موجب: "ميڪس ويبر جي نظريي ۾ معاشي سرگرمين اندر جذبن جي ڪردار بابت خيال ملي ٿو، ڇاڪاڻ ته خدا جو خوف ۽ پريشاني ئي اها شيءِ هئي جنهن ڪاروبارين کي تيزيءَ سان ڪم تي لڳايو." پر پريشاني (Anxiety) کي جذبو سمجهڻ غلط آهي؛ اها هڪ مستقل احساس آهي، ۽ ان ئي ماڻهن کي لڳاتار ڪم تي لڳايو. پر ويبر جنهن سرمائيداريءَ جو جائزو ورتو هو اها دولت گڏ ڪرڻ واري پراڻي سرمائيداري هئي، جيڪا جذبن بدران عقل تي هلندي هئي. اها اڄ واري گراهڪي سرمائيداريءَ جهڙي نہ هئي، جيڪا ماڻهن جي

جذبن مان نفعو ڪمائي ٿي. اڄوڪي سرمائيداري جذبن ۾ احساسن کي وڪٽڻ ۾ واپرائڻ تي هلي ٿي. اڄوڪي معيشت ۾ ڪنهن شئي جي اصل فائدي بدران ان جي جذباتي اهميت وڌيڪ نفعو ڏئي ٿي. ايلوز اها ڳالهه به سمجهڻ ۾ ناڪام وئي آهي ته سرمائيداريءَ لاءِ جذبن جي اهميت رڳو تڏهن پيدا ٿي جڏهن پيداوار مادي مان بدلجي غير مادي (ذهني ۽ فڪري) بڻجي وئي. جذبا رڳو اسان جي اڄوڪي دور ۾ ئي پيداوار جو اوزار بڻيا آهن.

ايلوز اها دعويٰ به ڪري ٿي ته درخائيم واري سماجيات جو بنيادي تصور يعني "سماجي بڌي"، اصل ۾ "جذبن جو هڪ ميڙ" آهي. هوءَ چوي ٿي ته پراڻن سماجي نظرين ۾ پريشاني، پيار، مقابلو، بي پرواهي ۽ احساسِ جرم جهڙا جذبا هميشه موجود رهيا آهن. پر پراڻن نظرين جا اهي حوالا اڄوڪي دور ۾ جذبن جي هن عروج جي وضاحت نٿا ڪن، ڇو ته ايلوز احساس ۽ جذبي جو فرق نه سمجهيو آهي. "بي پرواهي" ۽ "احساسِ جرم" جذبا ناهن، پر اسان رڳو گناهه جي "احساس" جي ڳالهه ڪري سگهون ٿا.

صاف ظاهر آهي ته ايلوز اها ڳالهه سمجهڻ ۾ ناڪام وئي آهي ته اسان جي دور ۾ جذبن جو هي طوفان اصل ۾ نيولبرلزم مان نڪتو آهي. نيولبرل نظام پيداوار ۽

ڪاميابين کي وڌائڻ لاءِ جذبن کي هڪ خام مال طور استعمال ڪري ٿو. پيداوار جي هڪ خاص حد تي پهچڻ کان پوءِ، عقل ۽ منطق – جيڪي پراڻي ضابطي واري سماج جا اوزار هئا – بي اثر ٿي وڃن ٿا ۽ رڪاوٽ محسوس ٿين ٿا. ان موقعي تي عقل جي جاءِ جذبات وٺن ٿا، جنهن مان ماڻهو آزاديءَ جو احساس ماڻي ٿو – يعني شخصيت جو بنا رڪاوٽ جي ڪلي سامهون اچڻ. آخرڪار، آزاد هجڻ جو مطلب ئي جذبن کي ڇڙواڳ ڇڏڻ سمجهيو وڃي ٿو. جذباتي سرمائيداري ان آزاديءَ مان فائدو کڻي ٿي ۽ بنا ڪنهن رحم جي ماڻهن جي انهن ئي جذبن جو استحصال ڪري ٿي.

عقل جي سجاڻپ حقيقت پسندي ۽ مستقل مزاجيءَ مان ٿئي ٿي، جنهن ڪري اهو جذبن جي ابتڙ آهي، جيڪي ذاتي، عارضي ۽ جلدي بدلجندڙ هوندا آهن. جذبا خاص طور تي تڏهن ايرن ٿا جڏهن حالتون ۽ سوچ بدلجي. عقل باقاعدگي ۽ تسلسل گهري ٿو، جڏهن ته اڄوڪي نيولبرل معيشت وڏيڪ پيداوار لاءِ تسلسل کي ٽوڙي عدم استحڪام پيدا ڪري ٿي، جنهن سان پيداواري عمل ۾ جذبات کي هٿي ملي ٿي. تيز رفتار رابطا ۽ جذبات کي وڌائين ٿا. عقل جذبن کان سست هوندو آهي، تنهنڪري هر

ڳالهه تيز ڪرڻ جو دٻاءُ هاڻي "جذبن جي آمريت" طرف وڌي وڃي رهيو آهي.

گراهڪي واري سرمائيداري وڌيڪ خواهشون پيدا ڪرڻ لاءِ جذبن جو سهارو وٺي ٿي. اڄوڪي ڊزائننگ واهپي کي وڌائڻ لاءِ جذبن کي نئون روپ ڏئي ٿي. مجموعي طور تي اڄ اسان مادي شيون ايترو نٽا واپرائيون جيترو جذبا واپرائي رهيا آهيون. مادي شيون ته ڪٽي سگهن ٿيون، پر جذبن جو واهپو ڪڏهن به ختم ٿيڻ وارو ناهي. ائين اهي خريداري ۾ واهپي جو هڪ اهڙو نئون ميدان کولين ٿا جنهن جي ڪا به حد ناهي هوندي.

